
ٽهڪن ۽ فراموشين جو
ڪتاب
[تعارف، انٽرويو ڪهاڻي ۽ ناول]
ليکڪ:
ميلان ڪنديرا
سنڌيڪار:
رسول ميمڻ

# ٿهڪن ۽ فراموشين جو ڪتاب

[تعارف، انٽرويو، ڪهاڻي ۽ ناول]

ليکڪ:

**ميلان ڪنديرا**

سنڌيڪار:

**رسول ميمڻ**

ڊجيٽل ايڊيشن:

2019ع

**سنڌ سلامت ڪتاب گهر**

سڀ حق ۽ واسطا سنڌيڪار وٽ محفوظ

| | | |
|---|---|---|
| ڪتاب جو نالو | : | تهڪن ۽ فراموشين جو ڪتاب |
| موضوع | : | تعارف، انٽرويو ڪهاڻي ۽ ناول |
| ليکڪ | : | ميلان ڪنديرا |
| سنڌيڪار | : | رسول ميمڻ |
| ڇپيندڙ | : | ماهوار پرک ڪراچي |
| سال | : | 2010ع |
| ڪمپوزنگ | : | خادم حسين جروار |

❊

# Tahakan aen faramoshiyan jo kitab

| | | |
|---|---|---|
| Writen by | : | Melan Kandera |
| Translated by | : | Rasool Memon |
| Year | : | 2010 |
| Composed by | : | Khadim Hussain jarwar |
| Published by | : | Monthly Parkh karachi |

❊

# فهرست

سونهن سنڌ:


- ارپنا 5
- سنڌ سلامت پاران 6
- پنهنجي پاران رسول ميمڻ 7

- تعارف 9
- انٽرويو 12

- ڪهاڻي: 15
  ماضيءَ جي خوشبوءِ

- ناول: 21
  ٿهڪن ۾ فراموشين جو ڪتاب

# ارپنا

”برلن جي پٽ“

نالي

جنهن کي

مون ڊھندي ڏٺو.

# سنڌ سلامت پاران :

سنڌ سلامت **ڊجيٽل بوڪ ايڊيشن** سلسلي جو نئون ڪتاب **”ٿهڪن ۽ فراموشين جو ڪتاب“** اوهان اڳيان پيش ڪري رهيا آهيون. هي ڪتاب چيڪوسلواڪيا جي مشهور ليکڪ ميلان ڪنديرا جو تعارف، انٽرويو، ڪهاڻي ۽ ناول جو ترجمو آهي جنهن جو سنڌيڪار **رسول ميمڻ** آهي.

هو پنهنجن همعصر اديبن ۾ اهم جاءِ والاري ٿو، هو چيڪو سلواڪيہ ۾ ويهين صديءَ جي وچن ڏهاڪن اندر پاڻ کي هڪ اهم اديب ۽ دانشور جي حيثيت ۾ مڃرائي چڪو هيو، هن جي هر لکڻيءَ ان وقت سياسي ۽ ادبي بحث ڇيڙي وڌو، شروعاتي ڏينهن ۾ ڪميونسٽ پارٽيءَ جو سرگرم ڪارڪن هيو، هن جون ڪهاڻيون ان وقت جي دانشورن جي ڪردارن تي مشتمل ڪهاڻيون آهن. هن پنهنجين لکڻين ۾ دانشورن جي منافقانا سوچ ۽ ڪردار جي نندا ڪئي آهي، اڳتي هلي ڪميونسٽ نظريي جي مخالف سوچ جو حامي ٿيو، هن ڪميونزم کي عقيدي سان ڀيٽ ڏني ۽ چيو تہ ان نظريي انسان جي بنيادي حقن کي غصب ڪيو آهي، هن جون لکڻيون آزاد خياليءَ جي حمايت ڪن ٿيون، هن وچ يورپ ۾ ڪميونسٽ انقلاب ۽ روسي قبضي ڪان پوءِ ذاتي طرح تمام پوڙهيو، جنهن جو اثر هن جي لکڻين ۾ ملي ٿو.

هي ترجمو ماهوار پرک پاران 2010ع ۾ ڇپايو ويو. اسان ٿورائتا آهيون سائين رسول ميمڻ جا جنهن هي ڪتاب نئين سر ڪمپوز ڪرائي سنڌ سلامت ڪتاب گهر لاءِ موڪليو.

**محمد سليمان وساڻ**
مينيجنگ ايڊيٽر (اعزازي)
سنڌ سلامت ڊاٽ ڪام
sulemanwassan@gmail.com
www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

# پنهنجي پاران

وڏي ٻي ڏهاڪي ۾ سان اوهان آڏو ميلان ڪنڊيرا جي لکڻين جي ترجمو ڪري پيش ڪري رهيو آهيان. ان جو سبب ڪنڊيرا جو سرد جنگ وارن ڏينهن ۾ ڪميونزم خلاف هڪ پگهاردار جو ڪردار ادا هيو.

گرم ۽ سرد جنگ ۾ اهو فرق هوندو آهي ته گرم جنگ ۾ ماڻهو ۽ سرد جنگ ۾ نظريا، سازشون ۽ پروپيگنڊا وڙهندا آهن. ويهين عيسوي صديءَ ۾ عالمي گرم جنگيون ڏٺيون، باقي سرد جنگ جيڪا سوويت يونين، سندس زير اثر ڪميونسٽ بلاڪ ۽ آمريڪا سميت دنيا جي سرمائيداري نظام هيٺ هلندڙ ملڪن وچ ۾ هئي، اها ايڏي ته سرد هئي جو ان جي سردي ڏسي سائبيريا جي سخت برف ٻه رجي پئي.

ميلان ڪنڊيرا سرد جنگ وارن ڏينهن ۾ ڪميونسٽ پارٽيءَ ۾ رهندي ان جي مقصد خلاف ڪم ڪيو. هو سي آئي اي جو ايجنٽ هيو. اها تنظيم سندس مالي مدد ڪندي هئي. هو سرمائيدارن جو پگهاردار هيو. اهڙي رپورٽ سوويت يونين جي ٽٽڻ کانپوءِ سي آئي اي پاڻ جاري ڪئي هئي.

وڏي ڏک جي ڳالهه آهي ته هڪ وڏو اديبُ منافق هيو. جڏهن ڪيس ڪميونزم مان نيڪالي ڏني وئي ته هن کليل لفظن ۾ ان خلاف لکڻ شروع ڪيو. حيرت جي ڳالهه آهي ته اهڙي منافقيءَ جي سلي ۾ ڪيس اڄ ڏينهن تائين نوبل پرائيز نه ڏنو ويو آهي؟ سرد جنگ جي ڏينهن ۾ نوبل پرائيز کي ڪميونسٽ نظريي خلاف هٿيار طور استعمال ڪيو ويو.

سارتر وجوديت جو رُخ موڙي انساني آزاديءَ جي فڪر ۾ ڪميونزم جي اجتماعي نظريي خلاف ڏر ٻڌيو. کيس نوبل انعام آڇيو ويو پر اهو چئي وٺڻ کان انڪار ڪيو ته سندس فڪر ڪنهن به انعام جو محتاج نه آهي. نوبل انعام کيس وجوديت جي فلسفي کان متاثر ٿي نه ٿو ڏنو وڃي پر انڪري ٿو ڏنو وڃي جو اهو اڄ سڄي طرح ڪميونزم خلاف آهي.

ميلان ڪنڊيرا لاءِ سارتر هڪ مثال آهي.

ان ۾ ڪو شڪ نه آهي ته ڪميونسٽ نظام جي پاليسين خلاف اديبن جو وڏو ڪردار آهي. خاص ڪري وچ يورپ جا يهودي جن ٻئي جنگ عظيم ۾ جرمني ۽ روس جي انهن ملڪن تي قبضي کانپوءِ ڀوڳيو.

ان وقت جو ادب سندن دل جو آواز آهي ۽ پڙهڻ سان دل تي اثر ڇڏي ٿو انهن پوڳيو حالتن سان ڪڏهن سمجهوتو نہ ڪيو.

انهن ڳالهين کي پاسي رکي جيڪڏهن اعتدال سان ميلان ڪنديرا جي لکڻين جو جائزو وٺبو تہ هن وٽ فن آهي. لکڻ جو ڏانءُ ۽ ڏات آهي. هو سنو لکي ٿو. سندس ڪردار جيئرا جاڳندا محسوس ٿين ٿا. هن وٽ لڪيل سياست جي پس منظر ۾ ڪردارن جي پوڳنا هڪ ڏکندڙ درد جيان محسوس ٿئي ٿي.

مان ترجمو ڪندڙ نہ آهيان، مون کان ميلان ڪنديرا ترجمو ٿي ويو ڇو جو ان جو سبب نثار منصور پاران ڏنل ڪتاب هيو جنهن چيو تہ ”پرک جي ميلان ڪنديرا نمبر لاءِ ڪيس ترجمو ڪري ڏيان.“

دوستن سان ”ها“ ملائڻي پوي ٿي ۽ مون ميلان ڪنديرا کي ترجمو ڪيو.

**رسول ميمڻ**

ڪراچي

# تعارف

ميلان ڪنديرا پهرين اپريل 1929ع ۾ چيڪوسلواڪيه جي شهر برنو ۾ جنم ورتو هن جو واسطو وچين طبقي جي لکيل پڙهيل گهراڻي سان هيو. هن جي ڪٽنب جا ڪجهه ڀاتي موسيقار ليئوش ياناچيڪ جا شاگرد هيا. ليئوش ياناچيڪ جيڪو سلواڪيه جو مشهور پيانو نواز ۽ موسيقيءَ جو ماهر هيو. هو برنو ميوزيڪل اڪيڊميءَ جو 1948ع کان 1961ع تائين سربراهه رهيو. ننڍپڻ ۾ ميلان ڪنديرا پنهنجي پيءَ سان گڏ ان کان پيانو وڄائڻ سکيو. هن پوءِ موسيقيءَ جي باقاعدي تربيت حاصل ڪئي، اهو ئي سبب آهي جو هن جي لکڻين ۾ موسيقيت محسوس ٿئي ٿي ۽ موسيقيءَ جا حوالا ملن ٿا.

هو پنهنجن همعصر اديبن ۾ اهم جاءِ والاري ٿو. هو چيڪوسلواڪيه ۾ ويهين صديءَ جي وچن ڏهاڪن اندر پاڻ کي هڪ اهم اديب ۽ دانشور جي حيثيت ۾ مڃرائي چڪو هيو. هن جي هر لکڻيءَ ان وقت سياسي ۽ ادبي بحث ڇيڙي وڌو. شروعاتي ڏينهن ۾ ڪميونسٽ پارٽيءَ جو سرگرم ڪارڪن هيو. هن جون ڪهاڻيون ان وقت جي دانشورن جي ڪردارن تي مشتمل ڪهاڻيون آهن. هن پنهنجين لکڻين ۾ دانشورن جي منافقانا سوچ ۽ ڪردار جي ننڌا ڪئي آهي، اڳتي هلي ڪميونسٽ نظريي جي مخالف سوچ جو حامي ٿيو. هن ڪميونزم کي عقيدي سان ڀيٽ ڏني ۽ چيو ته ان نظريي انسان جي بنيادي حقن کي غصب ڪيو آهي، هن جون لکڻيون آزاد خياليءَ جي حمايت ڪن ٿيون. هن وچ يورپ ۾ ڪميونسٽ انقلاب ۽ روسي قبضي کان پوءِ ذاتي طرح تمام ڀوڳيو. جنهن جو اثر هن جي لکڻين ۾ ملي ٿو.

ڪنديرا سيڪنڊري اسڪول جي تعليم 1948ع ۾ برنو ۾ مڪمل ڪئي. پوءِ هن چارلس يونيورسٽيءَ ۾ ادب ۽ جماليات جي شعبي ۾ داخلا ورتي. تعليم وچ ۾ ڇڏي فلم اڪيڊمي ۾ شامل ٿيو. جتي هن پهريون فلم ڊائريڪشن جي سکيا حاصل ڪئي ۽ پوءِ اسڪرپٽ لائٽنگ ۾ مهارت حاصل ڪئي. هن 1952ع ۾ گريجوئيشن ڪئي ۽ اتي فلم اڪيڊميءَ ۾ عالمي ادب جو استاد مقرر ڪيو ويو. ٻئي عالمي جنگ کان پوءِ هن جو تعلق نوجوانن جي ان نسل سان هيو جن ناٽڪ ۾ آزادانا ماحول ٿوري وقت لاءِ ڏٺو. ٻئي عالمي جنگ ۽ ملڪ تي جرمنيءَ جي قبضي هن جي لکڻين کي متاثر ڪيو. ان وقت هن کي ملڪ جي نجات ڪميونسٽ نظريي ۾ نظر آئي. هو مارڪس جو مداح هيو ۽ ڪميونسٽ

پارٽيءَ جو سرگرم ڪارڪن رهيو اڳتي هلي ڪنديرا ۽ هڪ ٻئي چيڪ اديب ٽريفلڪا کي پارٽيءَ خلاف ڪم ڪرڻ جي الزام هيٺ ميمبر شپ رد ڪري نيڪالي ڏني وئي. ٽريفلڪا ان جو ذڪر پنهنجي هڪ ناول "خوشيون مينهن ڪٽيون" ۾ ڪيو آهي، اهو ناول 1960ع ۾ شايع ٿيو ڪنديرا پڻ ان واقعي کي بنياد بڻائي "مذاق" نالي پهريون ناول لکيو جيڪو 1967ع ۾ شايع ٿيو.

ڪنديرا 1956ع ۾ وري ڪميونسٽ پارٽيءَ ۾ شامل ٿيو ۽ پارٽي اصولن خلاف ڪم ڪرڻ جي ڏوهه ۾ وري هن کي 1970ع ۾ نيڪالي ڏني وئي، شخصي طور ميلان ڪنديرا اڪيلائي پسند آهي. پنهنجي ذاتي واسطن ۽ نجي معاملن ۾ ڪنهن جي به مداخلت پسند نه ٿو ڪري. هو زندگيءَ کي انسان جي شخصي ميراث ڪوٺي ٿو ۽ ان ۾ سوراخ ڪري ٻين جي ڏسڻ کي بدديانتي ڪوٺي ٿو. ان ۾ ڪو شڪ نه آهي ته هو ان ڳالهه جو حامي نظر اچي ٿو ته لکڻين کي انهن جي معيار تي پرکيو وڃي. شخصيتن جي آڌار تي انهن جو ڪاٿو لڳائي نه ٿو سگهجي. هن کي پنهنجي سوانح عمريءَ بابت سخت شڪايتون آهن. هو نه ٿو چاهي ته سندس ذاتي زندگيءَ بابت معلومات عام ڪئي وڃي. تازو فرينچ ٻوليءَ ۾ ڪنديرا متعلق هڪ ڪتاب شايع ٿيو آهي جنهن ۾ سندس زندگيءَ جي باري ۾ ٻه سٽون شامل ڪيون ويون آهن. "ميلان ڪنديرا 1929ع ۾ چيڪوسلواڪيه ۾ ڄائو ۽ 1975ع تائين فرانس ۾ رهيل آهي."

ڪنديرا 1950ع ۽ 1960ع وارن ڏهاڪن دوران لکيل پنهنجين لکڻين جو منصق آهي هو چوي ٿو ته سندس ان دور وارين لکڻين کي هن جي ٻئي ادبي پورهئي کان الڳ ڪيو وڃي ڇو جو اهي نظرياتي پروپيگنڊا ۽ ڪچيون ناڪام لکڻيون آهن. هن جون تخليقي صلاحيتون ان وقت عروج تي نظر اچڻ ٿيون جڏهن هو پنهنجو ديس ڇڏي وچ يورپ ۾ اچي رهيو هو ڪافڪا، ڊڊيرو، ميوسل، بروڪ ۽ هيگر جي فن کان متاثر ٿيو.

ڪنديرا جو ادبي سفر ڊگهو ۽ وسيع آهي، هن لکڻ جي شروعات 1945ع ۾ ڪئي جڏهن شاعر ولاد مير مايا ڪوفسڪيءَ جا ڪجهه شعر ترجمو ڪري ڇپرايا، 1946ع ۾ هن پنهنجي سوٽ لڊوڪ ڪنديرا جي همت افزائي تي هڪ سريئلسٽڪ شعر لکيو لودويڪ ڪنديرا هن کان عمر ۾ نوَ سال وڏو هيو ۽ چيڪو سلواڪيه جو مشهور شاعر آهي. ميلان ڪنديرا جو پهريون ڪتاب 1953ع ۾ ڇپيو ان وقت چيڪو سلواڪيه ۾ ڪميونسٽ انقلاب کي پنج سال پورا ٿي چڪا هيا ۽ اهو اسٽالن جو دور هيو ان ڪتاب جو نالو "ماڻهو هڪ ڪشادو باغ" هيو اهو هڪ شعري مجموعو هيو.

فيبروري 1948ع ۾ جڏهن چيڪو سلواڪيه ۾ ڪميونسٽ انقلاب اچي چڪو هيو تڏهن اتي ادب ۾ سوشلسٽ حقيقت پسنديءَ جو رجحان هيو ميلان ڪنديرا جو اهو ڪتاب ان روايتي ۽ مروج رجحان کان الڳ هڪ نئون آواز هيو ڪنديرا توڙي جو ان وقت سوشلسٽ نظريي جو حامي هيو پر هن جي لکڻين ۾ پوءِ به انفراديت هئي، هن وٽ نعري بازي نه آهي پر هو پنهنجيون تخليقي صلاحيتون استعمال ڪندي مختلف نوع ۾ سامهون اچي ٿو.

1955ع ۾ ڪنديرا جو هڪ ڊگهو نظم شايع ٿيو. جيڪو ڪميونسٽ پرچار جو حصو ڇيو ويجي ٿو ان وقت هڪ وڏي رقم ڏئي هن ڪان اهو نظم لکرايو ويو. اهو نظم "آخري مئي" آهي. جنهن جو هيرو جيولس فيوچڪ هڪ اهڙو سوشلسٽ صحافي آهي، جيڪو ٻئي عالمي جنگ دوران جرمنيءَ جي چيڪوسلواڪيہ تي قبضي خلاف مزاحمت ڪري ٿو.

وارسا پيڪٽ تحت 1968ع ۾ جڏهن سويت فوجون چيڪوسلواڪيہ ۾ داخل ٿيون تہ ميلان ڪنديرا جي ڪتابن تي پابندي مڙهي انهن کي لئبريرين ۽ بڪ اسٽالن تان هٽايو ويو. هن جي فلم اڪيڊميءَ واري نوڪريءَ کي ختم ڪيو ويو. هن 1975ع ۾ فرانس جلاوطني اختيار ڪئي. ان وقت هن جو فن پنهنجي عروج تي نظر اچي ٿو. هن جو آخري ناول لافانيت Immortality 1990ع ۾ فرانسيسيءَ ۾ ڇپيو. جڏهن تہ اصل چيڪ مسودو 1993ع ۾ شايع ٿيو.

❖

# انٽرويو

سوال: مان توهان کان ڪِن بنيادي ڳالهين جي وضاحت چاهيندس، توهان پنهنجي ڪتاب "ناول جو فن" ۾ انٽرويو وٺندڙن جي انداز کي ننديو آهي ۽ چيو آهي ته توهان ڪڏهن به ان ڳالهه جي اجازت نه ڏيندا ته توهان متعلق ڪا ڳالهه توهان جي اڳواٽ اجازت کانسواءِ ڇاپي وڃي، ائين ڪرڻ سان توهان جا پڙهندڙ جيڪي توهان متعلق گهڻو ڪجهه ڄاڻڻ چاهين ٿا، اهي مايوس نه ٿيندا؟

ميلان ڪنديرا: گهڻو ڪري منهنجا جيڪي انٽرويو شايع ٿين ٿا اهي اصلوڪا نه آهن، اهي نقل ڪري ڇاپيا وڃن ٿا. انهن ۾ منهنجا لفظ شامل نه آهن. اهي منهنجن خيالن جا بگڙيل نسخا آهن، حيرت جي ڳالهه اها آهي ته مون کي انهن جي معرفت تنقيد جو نشانو بنايو وڃي ٿو.

سوال: "آرٽ آف ناول" ۾ توهان وچ يورپ جي باري ۾ بحث ڪيو آهي، توهان جي لکڻين جو موضوع گهڻو ڪري ڇيڪو سلواڪيه آهي، وچ يورپ جي اهميت پنهنجي آهي ڇا توهان ان ڳالهه تي روشني وجهندءُ ته وچ يورپ جا اهي ڪهڙا اديب آهن جيڪي توهان جي فڪري پيماني تي پورا لهن ٿا؟

ميلان ڪنديرا: مان ان وضاحت کي صرف ناول جي حد تائين محدود رکڻ جي ڪوشش ڪندس، وچ يورپ جا اهڙا چار ناول نگار آهن، جن کي مان وڏي اهميت وارو سمجهان ٿو انهن ۾ ڪافڪا، بروڪ، ميوسل ۽ گومبرو وچ شامل آهن، انهن کي ڄاڻڻ کان سواءِ موجوده ناول کي سمجهڻ ڏکيو آهي، اهي اعتدال پسند آهن. ٻين لفظن ۾ ائين چئجي ته اهي لکڻين لاءِ نظرين جا غلام نه آهن، اهي انڌن انقلابن ۽ ترقيءَ جي ڪوڙن نعرن ۾ يقين نه ٿا رکن، انهن اڻويهين صديءَ جي شروعاتي دور ۾ جديد ناول جو بنياد رکيو مان ان دور کي ناول جي "اڌ تاريخ" چوندس، خاص ڪري بروڪ ۽ ميوسل جا ناول شاعراڻي انداز جي اعليٰ ذوق جي حدن کي ڇُهندي پنهنجي ثقافتي ڍنگ ۾ رنگيل آهن، آمريڪا جهڙي ادبي بدگماني چوندس، پر جڏهن آمريڪي ناول جي اوسر کي ڏسجي ٿو ته اها بدگماني زائل ٿي وڃي ٿي، ڇو جو پهرين ڳالهه اها آهي ته آمريڪا جهڙي ملڪ ۾ انهن کي گهٽ سڃاتو وڃي ٿو جنهن کي مان ادبي بدگماني چوندس. پر جڏهن آمريڪي ناول جي اوسر ڏسجي ٿي ته، اها بدگماني زائل ٿي وڃي ٿي. ڇو جو پهرين ڳالهه اها آهي ته آمريڪا جي پنهنجي ايڏي پراڻي تاريخ نه آهي، جڏهن ناول جو پهريون دور هيو ته آمريڪا اڃا وجود وٺي رهيو هيو، ٻئي ڳالهه اها ته ان وقت يورپ ايترو سجاڳ هيو جو اتي ناول جنم وٺي رهيا هيا، اڳتي هلي آمريڪا ناميارا ناول نگار پيدا ڪيا جن ۾ هيمنگوي، وليم فاڪنر ۽ ڊوس پيسوس شامل آهن.

سوال: ڇا اهو چئي سگهجي ٿو ته اهي ناول نگار توهان جي فن تي اثر انداز ٿيا؟

ميلان ڪنديرا: منهنجون لکڻيون انهن کان متاثر نه آهن. ائين چئي سگهجي ٿو مان به ان ساڳي جمالياتي چِٽ هيٺان پناهه ورتي آهي جتي انهن ورتي هئي پر مون پروسٽ ۽ جيمس جوائس واري چِٽ هيٺان ڪڏهن پناهه نه ورتي آهي ۽ نه ئي هيمنگوي واريءَ هيٺان. جڏهن ته مان ان کي پسند ڪيان ٿو مان جن لکندڙن جو ذڪر ڪيان ٿو انهن سڀني جا رستا الڳ آهن ۽ هڪ ٻئي تي اثرانداز به نه ٿا ٿين. ان حد تائين جو هڪ ٻئي کي پسند به نه ٿا ڪن. بروڪ هميشه ميوسل کي تنقيد جو نشانو بڻائيندو هيو ۽ ميوسل بروڪ کي گهٽ وڌ ڳالهائيندو هيو. گرومبچ ڪافڪا کي پسند نه ڪندو هيو. هو بروڪ ۽ ميوسل جي باري ۾ ڳالهائڻ پسند نه ڪندو هيو ڇڻ انهن کي سڃاڻندو ئي نه هجي.

سوال: وچ اولهه جو سلاوڪ ديس جي باري ۾ ڪهڙو رايو آهي؟

ميلان ڪنديرا: سلاوڪ زبانن ۾ ڪجهه هڪجهڙائي ته آهي پر ثقافتي لحاظ کان اهي الڳ آهن. سلاوڪ ادب جو ڪو وجود نه آهي، جيڪڏهن مون کي سلواڪ اديب سمجهيو ٿو وڃي ته پوءِ منهنجي اها حيثيت نه ٿي رهي، منهنجين لکڻين ۾ وچ يورپ جي ثقافت آهي، جيڪا زبان جي لحاظ کان جرمنو سلاووهنگارينGermano Salavio Hangarin آهي. مان چوندس ته ناول جي تاريخ يورپ جي تاريخ آهي.

سوال: توهان رڳو يورپي ناول جي ساراهه جا ڏڪ ٿا ڀريو ڇا آمريڪي ناول جي ڪا حيثيت نه آهي؟

ميلان ڪنديرا: توهان پنهنجي جاءِ تي صحيح آهيو. سمجهه ۾ نه ٿو اچي ته ان کي ڪيئن بيان ڪيان. مان ائين چوندس ته جڏهن مان يورپي ناول چوان ٿو ته توهان ائين چئي سگهو ٿا ته روسي ناول جو ڪو ذڪر نه ٿو ڪريان. آمريڪا ۽ اسرائيل سان منهنجو روحاني ناتو آهي، اهو ائين آهي جيئن سيروينٽس کان وليم فاڪنر تائين ناول جو سفر.

سوال: توهان عورت ناول نگارن جو لکيل مضمون ۾ ڪو ذڪر نه ڪيو آهي، ڇا اهي سٺيون ليکڪائون نه آهن؟

ميلان ڪنديرا: ناول ۾ موجود ڪردارن جي جنس جي تذڪري کي اهميت آهي، ان جي لکندڙ جي جنس کي نه. دنيا جا وڏا ناول ٻنهي جنسن جي مسئلي جي اپٽار ڪن ٿا. اهي عورت ۽ مرد جو گڏيل موقف پيش ڪن ٿا، لکندڙ جي جنس کي ڪا اهميت نه آهي.

سوال: توهان جا ناول چيڪ معاشري جي ترجماني ڪن ٿا. مون لاءِ اها حيرت جي ڳالهه آهي ته ملڪ کان ٻاهر فرانس جو سماجي ماحول انهن تي اثرانداز نه ٿئي ٿو. ڇڻ توهان اصلوڪي گهر ۾ لکندا هجو؟

ميلان ڪنديرا: مان ڇڙو ائين چوندس ته چيڪوسلواڪيه ۾ پنجيتاليهه سالن تائين رهيس، لکڻ ان وقت شروع ڪيم جڏهن عمر ٽيهه سال هئي. پر منهنجو تخليقي سفر فرانس اچڻ کانپوءِ شروع ٿئي ٿو ۽ فرانس ۾ جاري رهندو. منهنجا فرانس سان لاڳاپا منهنجين سوچن کان به وڌ آهن.

سوال: آخر ۾ هڪ سوال ته ڇا توهان پنهنجين سوچن ۾ ڪا ارتقائي تبديلي محسوس ڪريو ٿا؟ ادب جي حوالي سان... دنيا جي حوالي سان يا ثقافت ۽ پنهنجي حوالي سان ارتقائي طور توهان جون سوچون متاهينءَ طرف روان آهن يا انهن ۾ ڪا مايوسي آئي آهي؟

ميلان ڪنڊيرا: جڏهن ٽيهن سالن جو هيس ته مون گهڻو ڪجهه لکيو مون وٽ هر شيءِ کان وڌيڪ موسيقيءَ جي اهميت هئي، شاعري ڪئي ۽ ڪجهه ڊرامن ۾ ڪم ڪندو رهيس. پنهنجي آواز کي ڳولهيندو هئس. پنهنجي ڪردار کي، پنهنجو پاڻ کي. پنهنجي ڪتاب ”پوڳ جهڙو پيار“ جي پهرين ڪهاڻي جيڪا مون 1959ع ۾ لکي، ان ۾ مون پاڻ کي ڳولي لڌو مان نثرنگار ٿي پيس ۽ ناول نگار جي حيثيت ۾ اڳيري سامهون آيس. هاڻي مان ان ڪانسواءِ ڪجهه به نه آهيان.

❖

## ڪهاڻي

# ماضيءَ جي خوشبوءِ

هو گهر وڃي رهيو هيو. ان ڳوٺ ۾ هو هڪ جهڙي زندگي ۽ گلا خور پاڙيسرين کان بيزار ٿي چڪو هيو. ان رستي سان خيالن ۾ گم ائين وڃي رهيو هيو جو شايد هو پرسان لنگهندڙ عورت کي نه ڏسي سگهي ها. پر اها هن کي سڃاڻي چڪي هئي. جڏهن هن ويجهو پهتي ته اها ئي پراڻي مرڪ هن جي چپن تي وري آئي. جڏهن هن اها مرڪ ڏٺي هن کان ڇرڪ نڪري ويو. اها مرڪ هن کي چڱيءَ طرح ياد هئي.

“معاف ڪجو مون توهان کي سڃاڻڻ ۾ دير ڪئي.”

هن جي ان جملي ۾ عورت لاءِ ان ڳالهه جو احساس سمايل هيو ته هوءَ ڪيڏي نه پوڙهي ٿي چڪي آهي.

“ڇا مان واقعي ئي ايڏي بدلجي وئي آهيان؟” هن پڇيو.

هن ڪنڌ “نه” ۾ هلايو. اهو ايڏو وڏو ڪوڙ نه هيو. ڇو جو وقت سان هن جي چپن جي اها مرڪ اڃا به ساڳي هئي. پر اهو سچ به هيو ته وقت ان کي پوڙهو ڪري وڌو هيو. هن عورت کي ڏسي ماضيءَ جي مٽي هٽائي ان جو ڇهرو ياد ڪيو جيڪو انتهائي حسين هيو.

عورت هن کي ٻڌايو ته هوءَ سانجهيءَ جو هڪ گاڏيءَ ۾ پراگ رواني ٿيڻ واري آهي. هن کي ڳوٺ ۾ ٻيو ڪو ڪم نه آهي. هن ان کي ڪافيءَ جي دعوت ڏني جيڪا عورت قبول ڪئي. ڳوٺ جا ٻئي ڪافي هائوس سدائين پرهجوم هوندا هيا. انهن اندر گندگي به گهڻي هوندي هئي. هن اهو مناسب سمجهيو ته اوڏانهن نه وڃي ان لاءِ هن کي گهر وٺي آيو.

پنجويهه سال اڳ جڏهن ان عورت جي شادي ٿي هئي. ته ڪجهه وقت اتي ڳوٺ ۾ گذاريو پر پوءِ مڙس سان پراگ لڏي وئي. هاڻي هن جي مڙس کي مئي ڏهه سال گذري چڪا هيا. سندس مڙس جي آخري خواهش مطابق هن کي ڳوٺ ۾ دفنايو ويو هيو. دفنائڻ وقت قبر جو پٽو (Lease) ڏهن سالن لاءِ ڏنو ويو هيو ڪجهه ڏينهن اڳ عورت کي ياد آيو ته مڙس جي قبر جي پٽي ۾ واڌ ڪرائڻي آهي. جنهن لاءِ ڪيس ڳوٺ اچڻو پيو. گهڻن سالن کان پوءِ جڏهن ڳوٺ آئي ته هن محسوس ڪيو جڻ زندگيءَ ۾ اتي پهريون دفعو آئي هجي. هن کي مڙس جي قبر ڳولهيندي ڪا ڏکيائي نه ٿي پر جڏهن اتي پهتي ته ڏٺائين ان جاءِ تان سندس مڙس جو ڪتبو هٽايو ويو هيو. هوءَ پريشان ٿي وئي ۽ جڏهن قبرستان جي

مجاور سان ملي تہ ان ڪيس ٻڌايو "قبر جي پٽي جي ميعاد ۾ وقت اندر واڌ نہ ڪرائڻ سبب اها جاءِ ٻي ڪي ڏني وئي آهي."

عورت جي اکين ۾ پاڻي ڀرجي آيو.

"پر مون کي ٻڌائڻ توهان جو فرض هيو." هن چيو.

هن جي ڳالهہ تي مجاور مرڪيو.

"قبرستان ۾ جاءِ جي قلت آهي، پراڻن مڙدن کي نون لاءِ جاءِ خالي ڪرڻي پوي ٿي." ان چيو.

هوءَ ڀريل اکين سان جڏهن قبرستان مان موٽي رهي هئي تہ هن کي اهو خيال تنگ ڪري رهيو هيو تہ هوءَ پنهنجي نوجوان پٽ کي ڪهڙو جواب ڏيندي، هوءَ ان کي ڪيئن ٻڌائيندي تہ "سندس پيءُ جي قبر ڪٿي بہ نہ آهي، اها ڌرتيءَ تان ميسارجي چڪي آهي."

انهن ئي خيالن ۾ ڳوٺ اندر گهمي وقت گذاري رهي هئي، ڳوٺ جي هر شيءِ بدلجي چڪي هئي، هن کي سڃاڻڻ وارو ڪو بہ نہ بچيو هيو ريل اچڻ ۾ اجا گهڻو وقت هيو هوءَ ٿڪجي چڪي هئي، هن جي جڏهن ان پراڻي واقفڪار تي نظر پئي تہ هن خوشي محسوس ڪئي.

هو ڪمري جي بورچيخاني ۾ ڪافي ٺهڪائي رهيو هيو ڪجھ مهينا اڳ جي عمر پنجٽيهہ سال تي ٽپڪي هئي ۽ مٿي جي ڪسنڌڙ وارن اهو احساس ڏيارڻ شروع ڪيو هيو تہ هن هاڻ پوڙهائپ ڏانهن سفر شروع ڪيو آهي. هن وٽ محرومين جا پنهنجا احساس هيا، انهن محرومين ۾ سڀ کان وڏيڪ عورت جي محرومي هئي، هن ڀوهہ جوانيءَ ۾ شادي ڪئي جيڪا طلاق تي ختم ٿي، هن کي ان ڳالهہ جو احساس نہ هيو تہ عورت اندر بہ جنسي خواهشن جا انبار هوندا آهن، هوءَ انهن جو پورائو چاهيندي آهي، هو ناتجربيڪار هيو، عورت کي نہ سمجهي سگهيو.

ميز تي ڪافيءَ جا ڪوپ رکندي هن سوچيو وڏي وقت کان پوءِ هن سامهون اها عورت ويٺي آهي جنهن سان ڪڏهن هن جو پيار هيو جنهن کي هن پنهنجين حماقتن ڪري ضايع ڪيو.

عورت کي بہ اها رات ياد هئي جيڪا هن ڪڏهن ان سان گذاري هئي. هن کي اهو ويهن سالن جو نوجوان ياد هيو جيڪو ڏاڍو شرميلو هيو. ان کي اگهاڙي جسم تي ڪپڙن پائڻ جو سليقو نہ هيو اهو هر ڳالهہ تي شرمائي رهيو هيو ۽ ان جي اهڙي ادا هن کي وڻي رهي هئي، ان جو ٻاراڻو انداز هن جي دل کي ڇهي رهيو هيو هن پوءِ پاڻ کي ياد ڪيو هوءَ ان وقت پنجٽيهہ سالن جي هئي، حسن پرست هئي ۽ ان جذبي تحت مختلف مردن جي ٻانهن ۾ رهي چڪي هئي. هوءَ جنهن آسانيءَ سان پاڻ حوالي ڪندي هئي، ان آسانيءَ سان ٻانهن مان ٻاهر نڪري بہ ايندي هئي، هوءَ سونهن جي پارکو هئي، هن کي هاڻي اهو احساس ماري رهيو هيو تہ سامهون ويٺل هن جو پراڻو عاشق هن کي بدصورت سمجهي متان نفرت نہ ڪري، ان احساس مان ڇوٽڪارو حاصل ڪرڻ لاءِ هن ان کي سوالن ۾ وچڙائي ڇڏيو ان جي ڪمري جي تعريف ڪئي، دريءَ کان نظر ايندڙ منظر کي وٽندڙ ڪوٺيو ڀتين تي لڳل تصويرن جي مصورن جي باري ۾ ڄاڻ ورتي، پوءِ پنهنجو حال ٻڌايو تہ سندس پراگ ۾ زندگيءَ جا ڏينهن ڪيئن گذريا ۽ اهو

ٻہ تہ هن جو پٽ هر سال پيءُ جي قبر تي گل چاڙهڻ ايندو رهيو آهي، هن پٽ جي باري ۾ ڪيس وڏيڪ ٻڌائيندي چيو.

“اها ڪيڏي نہ خوبصورت ڳالهہ آهي تہ ماءُ پٽ جي ڇهري ۾ پاڻ کي جوان رکندي آهي، هوءَ جواني ان مٿان قربان ڪري پوءِ پس منظر ۾ هلي ويندي آهي.”

هوءَ جيترو وقت ڳالهائيندي رهي پٽ جو چهرو هن اڳيان ڦرندو رهيو هر ڳالهہ ۾ سندس ذهن تي پٽ حاوي هيو. ائين چوهيو هن کي ڪا خبر نہ هئي، قبر جي معاملي ۾ هوءَ پاڻ کي ڏوهي محسوس ڪري رهي هئي. هن کي احساس ٿيو تہ سندس پٽ هن جي چوڪيداري ڪندو هجي. جيئن هوءَ ان جي پيءُ جي عزت کي مٿان داغدار نہ ڪري وجهي، هن کي لڳو سندس پٽ اهڙين نظرن سان ڏسندو آيو آهي، جيئن ان کي شڪ هجي تہ اها ڪڏهن بہ ان جي عزت مٽيءَ ۾ ملائي سگهي ٿي.

“معاف ڪجو.” هن عورت کي چيو “شايد منهنجين ڳالهين ڪري اوهان کي ڪو رنج پهتو آهي.”

هن پنهنجو هٿ عورت جي هٿ تي رکيو. عورت ڍلي چمبڙيءَ وارو هٿ پري ڪيو. هن کي پوڙهائپ جو احساس ٿي رهيو هيو.

هن سوچيو عورت سامهون اهڙيون ڳالهيون نہ ڪري جيڪي ان کي رنج پهچائين. هن کي وقت وڃائڻ نہ گهرجي. هن پاڻ کي ساڳيو بيوقوف احمق سمجهيو جيئن اڄ کان پندرنهن سال پهريون هيو. هو چاهي پيو تہ عورت ان رات متعلق ڳالهائي جيڪا ڪڏهن ان سان گهاري هئي. هن کي اها رات چڱيءَ طرح ياد هئي، هن کي ان عورت سان ڪيل پهرين ملاقات بہ ياد هئي، هو ڪجهہ دوستن سان گڏ ان سان مليو پر هن کي پراگ جو اهو ننڍو هوٽل ياد هيو جتي ان عورت سان ملاقات ڪئي هئي. هو ان سان سامهون هيٺ ڪنڌ ڪري ويٺو هيو ۽ پاڻ کي مرجهايل محسوس ڪري رهيو هيو پر هن کي اهو احساس هيو تہ هوءَ هن کي پسند ڪري ٿي. هيٺ ڪنڌ ڪري هن تصور ۾ ڏٺو هيو جڏهن هو ان کي چُمي ڏيندو تہ اها ڪيئن لڳندي، اها لباس کان سواءِ ڪيئن لڳندي؟ هن اهو بہ تصور ڪيو هيو تہ همبستريءَ وقت اها هن جي پير ۾ اگهاڙي ڪيئن لڳندي، اها هن ڏانهن ڏسي مرڪي رهي هئي.

ان کان پوءِ ڪيتريون ملاقاتون ٿيون پر هو ناتجربيڪاري ۾ اندر جي ڪنهن خوف کان ان کي حاصل نہ ڪري سگهيو. عورت هڪ دفعي هن جي پيڙا کي سمجهي پاڻ ئي ڪيس راضي ڪيو تہ هو جنهن ڪمري ۾ رهي ٿو اتي اچڻ لاءِ تيار آهي. هو جنهن ڪمري ۾ دوست سان رهندو هيو ان ڪيس خاطري ڪرائي تہ هو اڌ رات تائين واپس نہ ايندو. هن ڪمري کي سٺي نموني صاف ڪيو ۽ جڏهن شام جا ڇهہ ٿيا تہ عورت ڪمري جو دروازو کڙڪايو. اهو سيپٽمبر جو مهينو هيو ۽ ٻاهر اوندهہ تيزيءَ سان ڦهلجي رهي هئي، هو ٻئي پلنگ جي ڪناري تي ويٺا چُميون ڏئي رهيا هيا. جڏهن هر طرف اوندهہ ڇانئجي وئي تہ هن اٿي ڪمري جو بلب روشن نہ ڪيو. هو اوندهہ جي پناهہ ۾ پاڻ کي محفوظ سمجهي رهيو هيو. هو سوچي رهيو هيو تہ اوندهہ ڪري هوءَ هن جو منهن ڏسي نہ سگهندي ۽ ڪپڙا لاهڻ وقت

هن جي مونجهارن کي محسوس ڪري نہ سگهندي. عورت انتظار ڪندي رهي تہ هو هن جا بٽڻ کوليندو پر ان ۾ اها سگهہ نہ هئي، هوءَ بيزار ٿي بيهي رهي ۽ ٿهڪ ڏيندي چيائين:

"هاڻي هتيار ڦٽا ڪرڻ گهرجن."

هوءَ اوندهہ ۾ ڪپڙا لاهي رهي هئي ۽ هو پاڇي جيان هر حرڪت جو جائزو وٺي رهيو هيو. همبستري وقت هن جو ڏکهو پاڇو ٿي پسي پئي سگهيو اها پنهنجي منهن ڀُٽڪي رهي هئي. هن کي اُن جا وچڙيل لفظ سمجهہ ۾ نہ پئي آيا، هوءَ هن سان ڳالهائي رهي هئي يا پاڻ سان. هن کي ڪا ڳالهہ سمجهہ ۾ نہ پئي آئي، هن پڇيو:

"ڇا چئي رهي آهين؟"

پر جڻ عورت ٻڌو ئي ڪين. هوءَ پنهنجي منهن ڀُٽڪندي رهي، عورت هن کي ٻانهن جي گهيري ۾ آڻي ڇڏيو هن جي ڪن وٽ هن جا چپ هجڻ باوجود ڪيس لفظ سمجهہ ۾ نہ اچي رهيا هئا.

ڪافي پيئندي عورت کي ياد آيو انهن ڏينهن اڪثر هوءَ نيري رنگ جا ڪپڙا پائيندي هئي، ماڻهو هن کي سمنڊ سان تشبيهہ ڏيندا هيا، هن کي ان رات اهو جوڙو پاتل هيو هن وارن ۾ عاج جي ڦڻي اٽڪائي هئي، هوءَ تڏهن چانهہ سان گڏ رم پيئندي هئي ۽ پاڻ کي خوش رکندي هئي.

هوءَ گهڻو وقت قبرستان ۽ ڳوٺ جي گهٽين ۾ گهمي هئي، جنهن ڪان هن جي پيرن ۾ سور جون سٽون اُڀري رهيون هيون ۽ پٽ جون ڏوهي قرار ڏيندڙ اکيون هن پويان گهمي رهيون هيون. جن کان ڇوٽڪارو حاصل ڪرڻ لاءِ اهي گهڙيون غنيمت هيون. پوءِ ان احساس کان مسرت محسوس ڪيائين تہ جيڪڏهن هن عمر ۾ بہ سامهون ويٺل شخص لاءِ ڪا ڪشش موجود آهي تہ پوءِ جواني ضايع نہ ٿي.

هو هاڻي عورت جو هٿ هٿن ۾ وٺي دٻائڻ لڳو ان ڪو اعتراض نہ ڪيو. هن جو ائين ڪرڻ عورت کي وڻي رهيو هيو. هن جي اندر جي ڇڪتاڻ ختم پئي ٿيندي وئي، ان کي اهو پندرنهن سال پهريون واري نوجوان کان بہ خوبصورت نظر پئي آيو.

هن عورت کي اها رات ياد ڪرائيندي پڇيو:

"هوءَ اوندهہ ۾ جڏهن هن جي ڪن وٽ سمجهہ ۾ نہ ايندڙ سرٻاٽيون ڪري رهي هئي تہ ڇا چئي رهي هئي؟"

"مون کي ڪا خبر نہ آهي." عورت چيو.

ان رات اوندهہ ڪري اها هن جي تصور ۾ هڪ ڌنڌلڪو عڪس ئي سگهي هئي ۽ جڏهن هن بلب ٻاري روشني ڪئي هئي تہ اها ڪپڙن ۾ ملبوس هن سامهون بيٺل هئي. هو سامهون ويٺل ان ڇهري ۽ اوندهہ ۾ اڀرندڙ غروب ٿيندڙ ڇهري ۾ ڪو تعلق پيدا نہ ڪري سگهيو.

اها اڄا ڪمري ۾ ئي بيٺل هئي جڻ هن جي ماضيءَ جو حصو ٻڻجي چڪي هئي.

ان وقت هن سوچيو هيو جڏهن هڪ دفعي ملي ته هو ڪمري ۾ بلب جو بٽڻ بند نه ڪندو پر وري ڪڏهن اهڙو موقعو هن کي نه مليو. هو ان عورت کان ڪترائيندو به هيو. هن کي احساس هوندو هيو ته ڪم عمريءَ ڪري هو ناڪام ويو آهي.

ڪافي پيئندي هن عورت جي چهري کي ڏٺو. هن کي اتي ماضيءَ جون لڪيرون هڪ ٻئي ۾ وچڙيل نظر آيون.

"ڇا توکي اهي گهاريل گهڙيون ياد آهن." هن پڇيو.

"خبر نه آهي تنهنجي منهنجي باري ۾ ڪهڙي راءِ آهي؟"

"گهڻو وقت گذري چڪو آهي."

عورت پڪائي ڪندي چيو:

"ڪجهه ياد نه آهي."

جڏهن هن کي وڏيڪ ڪوتڻ جي ڪئي ته عورت ناراضگيءَ جو اظهار ڪيو.

"تون ماضيءَ کي ايڏو ڇو ٿو ياد ڪرين, اسان کي پنهنجن ارادن جي برعڪس ماضيءَ کي گهڻو وقت ڏيڻو پوي ٿو."

عورت ڳالهائيندي جڏهن ٿڌو ساهه کنيو جيڪو هن قبرستان کي ياد ڪري کنيو هيو ته هن ان جو غلط مطلب ورتو. هن ڏٺو سندس سامهون ماضي ۽ حال جي روپ ۾ به عورتون نه پر هڪ عورت ويٺل هئي, جنهن کي هن هٿ وڏائي حاصل ڪرڻ پئي چاهيو.

"تون سچ چوين ٿي, حال کي وڏي اهميت حاصل آهي." هن چيو.

هو ٻئي ڪجهه گهڙيون چپ ڪري ويٺا رهيا.

"ڇا تون واقعي ئي شراب پيئڻ ڇڏي ڏنو آهي." هن پڇيو.

"ها... عرصو ٿيو مون شراب کي هٿ نه لاتو آهي." عورت چيو.

هو اٿيو. هن بوتل ۽ به گلاس آڻي رکيا.

"هڪڙو جام منهنجي خاطر." هن التجا ڪندي چيو.

هن بوتل کولي جام ڀريا. عورت انڪار نه ڪري سگهي. هن جام ڪڻي جڻ چپ آلا ڪيا. هو اٿيو ۽ هن جي ڪرسيءَ جي ٻانهن تي ويهندي ان جي هٿ کي پنهنجي هٿ ۾ ورتو. عورت کي هن مان اها اميد نه هئي ته هو جلد ايڏو بي تڪلف ٿي ويندو. جڏهن ڪيس ڪرسيءَ تان اٿاري پلنگ تي وٺي ويو ته اها هن جي ٻانهن ۾ برف جيان ڳرڻ لڳي.

هن کي پٽ جون اکيون پرسان ڏسندي محسوس ٿيون. هن جڏهن عورت کي سيني سان لڳايو ته هن کي لڳو ڪٿي وچ ۾ هن جو پٽ موجود آهي, پر پوءِ اهو احساس ختم ٿي ويو. اتي هوءَ هئي ۽ هو هيو.

عورت کي اوچتو وري عمر جو احساس ٿيو ۽ اٿي بيٺي، هن ڪيس ٻڌايو ته هاڻي هن جي اها دلڪشي ۽ سونهن ختم ٿي چڪي آهي، پر هو هن کي ساڳيو خوبصورت ۽ جوان سمجهي رهيو هيو. پندرهن سال پهريون جنهن ناڪاميءَ جو منهن ڏٺو هيو اها هن آڏو موجود هئي.

"انڪار جو ڪهڙو فائدو." هن چيو.

عورت کي لڳو هوءَ ڪپڙن ۾ خوبصورت ۽ سونهن سان ڀريل نظر اچي رهي آهي، اهي لهڻ کان پوءِ سڀ ظاهر ٿي پوندو، هن جي ٻچيءَ جي چوڌاري گهنج. پيٽ تي آپريشن جو نشان ۽ اهي اچا وار، هوءَ سوچي رهي هئي ته هن کي پٺ پريان پاڻ طرف ايندي نظر آيو. هن جي پٺ جي منهن تي ايڏي ته نفرت ۽ ڪاوڙ هئي جو پنهنجين ٻانهن ۾ ويڙهجي وئي، هوءَ هن جي ٻانهن ۾ هئي پر هن سامهون پٺ جو چهرو هيو جنهن ۾ هوءَ جوان هئي.

هن جي ڪنن ۾ قبرستان جي مجاور جا لفظ گونجي رهيا هيا.

"پراڻن مڙدن کي نون لاءِ قبرون خالي ڪرڻيون پون ٿيون."

هن جي مڙس جي قبر ميسارجي چڪي هئي، هاڻي اتي ڪو ٻيو دفن هيو هن سامهون وينل مرد گذريل پندرهن سالن کان هن جي حسن جو مجاور هيو هن پنهنجو لڪايل جسم ڏٺو ۽ محسوس ڪيو، ڪا به عمارت، ڪا به قبر پنهنجي اصلي حالت ۾ برقرار نه ٿي رهي، هو اهو سڀ ڄڻ سوچيندي نه پر ڳالهائيندي هجي ۽ هن جي پٺ جي چهري جا نقش بگڙجندا ويندا هجن، اهو رڙيون ڪري چوندو هجي.

"امڙ تون هي ڇا ڇئي رهي آهين... هي ڇا ڪري رهي آهين؟"

پر ان وقت روشنيءَ جي چمڪ هر شيءِ کي ڏنڊلڪو ڪري ڇڏيو هيو. هن وٽ جيئرو رهي مئلن يا مئلن جي مزارن کي ترجيح ڏيڻ جو ڪو به جواز نه هيو.

هن کي لڳو هوءَ اڃا جوان آهي، ان سامهون هڪ وڏندڙ مرد آهي، ٿي سگهي ٿو اهو آخري مرد هجي جيڪو هن کي متاثر ڪري سگهي، جيڪو پڻ هن ۾ ڪشش محسوس ڪري رهيو هيو. هو به هن کي حاصل ڪري پئي سگهي، جيڪڏهن اهو پنهنجي عمل سان هن جي ذهن ۾ نهيل يادگار برباد ڪري پئي سگهيو ته ڪهڙو فرق ٿي پيو. هن هڪ دفعو وري پٽ جو ڏک ۾ ڀريل آواز ٻڌو. پر هن کي هاڻي ڪا به پرواهه نه هئي، هوءَ مرڪي رهي هئي.

"تو سچ پئي چيو... مان ڪير ٿيندي آهيان توکي روڪڻ واري." هن چيو.

هوءَ اٿي بيٺي ۽ بٽڻ کولڻ لڳي.

شام پري هئي ۽ ڪمرو روشنيءَ سان ڀريل هيو.

❖

ناول

# ٽهڪن ۽ فراموشين جو ڪتاب

The book of laughter and forgetting (Novel)

(ميلان ڪنڊيرا جو ناول ”ٽهڪن ۽ فراموشين جو ڪتاب“ سڀ کان پهريون 1978ع ۾ فرانسيسيءَ ۾ ترجمو ٿي ڇپيو جڏهن ته اصل چيڪ مسودو 1981ع ۾ شايع ٿيو. اهو ناول ميلان ڪنڊيرا فرانس ۾ جلاوطنيءَ کان پوءِ سٽت ئي لکيو هيو. ائين لڳي ٿو ناول جو موضوع هن جي پوڳنائن جو اظهار آهي. اهو ناول هن جي تخليقي عمل ۾ سنگ ميل جي حيثيت رکي ٿو. هو ان ۾ ڪو به سچ مڙهڻ نه ٿو چاهي، پر وارتا جو تاثر قائم ڪري پڙهندڙن تي ڇڏي ٿو ته اهي پاڻ فيصلو ڪن. ان ناول جو هيٺ ڏنل ترجمو نه پر خلاصو آهي، سواءِ آخري باب جي جيڪو جيئن جو تيئن پيش ڪيو ويو آهي.)

بيبي تمينا کان ڏهه سال ننڍي هئي، هوءَ ان ڪيفي جي مالڪ جي گهرواري هئي، جنهن ڪيفي ۾ تمينا ڪم ڪندي هئي. تمينا کي ڪيفي ۾ ملازمت ڪندي اجرت ۾ ايترا ته گهٽ پئسا ملندا هيا جو هن جو گذر سفر ڏکيو ٿيندو هيو.

چيڪوسلواڪيه ۾ ڪميونسٽ انقلاب کان پوءِ گهڻا ماڻهو ملڪ ڇڏي هليا ويا، انسانن کي انهن جي بنيادي حقن کان محروم ڪيو ويو، هر ان شيءِ تي ڪڙي نظر رکي وئي، جيڪا حڪومت جي مخالف هئي، تمينا کي اهڙي حالتن ۾ پراگ ڇڏڻو پيو.

فرانس ۾ رهڻ دوران هن جو مڙس جلد لاڏاڻو ڪري ويو ۽ هوءَ دنيا ۾ اڪيلي رهجي وئي. چيڪوسلواڪيه ڇڏڻ وقت تڪڙ ۾ هن کان ڪجهه ضروري شيون ساهوري گهر رهجي ويون هيون، انهن ۾ هڪ پيڪيٽ به هيو. ان پيڪٽ اندر ڊائريون ۽ سندس مڙس جا خط شامل هيا، مڙس جي وفات کان

پوءِ سندس خواهش هئي ته جيڪر اهو پيڪٽ واپس ملي پوي جيئن هوءَ انهن وڃايل يادن جي سلسلن کي جوڙي سگهي.

جڏهن ڪيس خبر پئي ته بيبي مڙس سان گڏ چيڪو سلواڪيه وڃي رهي آهي ته هوءَ ڏاڍي خوش ٿي. هن محسوس ڪيو جيئن صدين جي ننڊ مان ڇرڪ ڀري جاڳي هجي.

“جيڪڏهن تون پراگ وڃي ته منهنجن ساهورن ڏي ضرور وڃجانءِ اتي مان هڪ پيڪٽ وساري آئي آهيان. اهو ڪو ايڏو وڏو نه آهي، پر تنهنجي سامان ۾ آسانيءَ سان اچي ويندو.”

“ها.... ڇو نه؟” بيبي چيو. “مان ضرور اٽينڊ ڪندس.”

“ان ڪم لاءِ مان تنهنجي شڪرگذار رهندس” تمينا چيو.

“تون مون تي ڀروسو ڪر. اهو ڪم مان ضرور ڪنديس” بيبي چيو.

پوءِ هو ڪيتري دير پراگ جي باري ۾ ڳالهائينديون رهيون. پراگ کي ياد ڪري تمينا محسوس ڪيو هن جا ڳتا باهه جيان ٻرندا هجن.

بيبيءَ موضوع بدلايو ۽ ڪيس ٻڌايو

“مان هڪ ڪتاب لکڻ چاهيان ٿي.”

تمينا هن جي ڳالهه تي ڪو ڌيان نه ڏنو هن جي اکين اڳيان پراگ جا روڊ رستا ڦري رهيا هيا پر جيئن ته بيبيءَ ۾ هن جو ڪم ڦاٿو هيو. هن ان جي موضوع ۾ دلچسپي ظاهر ڪئي.

“ڪنهن جي باري ۾ ڪتاب؟” هن پڇيو.

بيبيءَ جي هڪ سال جي ڌيءَ ڪيفي ۾ پيبل اسٽول وٽ ڪيڏي رڙيون ڪري رهي هئي.

“شش” هن ڇپن تي آڱر رکي چيو ۽ پوءِ ٻڌايو.

“دنيا جي باري ۾، جيئن اها مون کي نظر اچي ٿي.”

ٻارڙي روئڻ ۾ مڇي وئي.

“تون واقعي ئي ڪتاب لکندينءَ... تو ۾ ايڏي همت آهي؟” تمينا پڇيو.

“ڇو نه” بيبيءَ جواب ڏنو هڪ دفعو وري اها خيالن ۾ گم ٿي وئي ۽ پوءِ چيو.

“اهو ظاهر آهي ته ڪتاب لکڻ لاءِ مون کي ٻن چئن اديبن سان ملڻو پوندو. ڇا تون ٻنا ڪا کي سڃاڻين ٿي.” بيبيءَ پڇيو.

“نه... اهو وري ڪير آهي؟” تمينا چيو.

“هڪ اديب آهي” بيبيءَ ٻڌايو. “هتي ئي ڪٿي رهي ٿو. منهنجو ان سان ملڻ تمام ضروري آهي.”

“ان ڪهڙا ڪتاب لکيا آهن؟”

“اها ته مون کي خبر نه آهي” بيبيءَ چيو ۽ ڪجهه سوچڻ کان پوءِ چيو. “پر اهو ضروري آهي ته ملاقات کان اڳ مان گهٽ ۾ گهٽ ان جو هڪ ڪتاب ضرور پڙهان.”

جڏهن تمينا پراڳ سس کي فون ڪيو تہ رسيور ۾ جيڪو آواز آيو اهو خوشيءَ کان خالي هيو.

“تون... اڇا... ايڏن سالن کان پوءِ ياد ڪيو ٿي؟”

“توکي خبر هوندي تہ منهنجي مالي حالت سٺي نہ آهي.” تمينا چيو. “فون ڪرڻ ۾ ڏاڍا پئسا خرچ ٿين ٿا.”

“تہ خط ئي لکين ها... پوسٽ جي ٽڪيٽ تہ ايڏي مهانگي نہ آهي.”

تمينا چپ ٿي وئي، جڏهن ڏوراپا بند ٿيا تہ تمينا کي پنهنجي مطلب جي ڳالهہ ڪرڻ جو موقعو مليو.

“توهان ۾ هڪ ڪم آهي، مان جڏهن اتان رواني ٿي هيس تہ هڪ پيڪٽ رهجي ويو هيو. اهو ضرورت ۾ آهي.”

“پيڪٽ؟”

“مون ۽ ميرڪ (تمينا جو مڙس) گڏجي ان کي بابا جي ميز واري خاني ۾ وجهي تالو هڻي بند ڪيو هيو. شايد توکي ياد هوندو تہ ميرڪ رواني ٿيڻ کان اڳ چابي تنهنجي حوالي ڪئي هئي.”

“مون کي ڪا چابي ياد نہ آهي.”

“پر امان اها تو وٽ آهي، ياد ڪر ميوڪ توکي ڏني هئي.”

“توهان ڪڏهن مون کي ڪجهہ ڏنو آهي ڇا؟”

“گهڻو وقت گذرڻ ڪري شايد توکي ياد نہ آهي پر تون ڳولهينديئن تہ اها ضروري ملندي.”

“جيڪڏهن ملي تہ پوءِ ڇا ڪريان؟”

“ٽيبل جو خانو کولي ڏسجانءِ، تہ اتي پيڪٽ موجود آهي.”

“تہ ڇا تنهنجي خيال ۾ پيڪٽ کي پر لڳل آهن جو اڏامي ويندو. جڏهن تو اتي رکيو آهي تہ ضرور هوندو. ڇا توکي پڪ نہ آهي؟”

“ها امان مون کي پڪ آهي اهو اتي ئي هوندو پر پوءِ بہ ڏسجانءِ”

“تہ پوءِ ميز جو خانو کولڻ جو ڪهڙو ضرور آهي، تون سمجهندي هونديئن تہ مان ضرور ان ۾ پيل تنهنجا نوٽ بڪ هيڏانهن هوڏانهن ڪري ڇڏيا هوندا.”

تمينا صفا چپ ٿي وئي ۽ سوچڻ لڳي تہ هن جي سس کي اها خبر ڪيئن پئي تہ ان ۾ نوٽ بڪ پيل آهن، ملڪ ڇڏڻ وقت هن انهن کي ڪاغذن ۾ ويڙهي چڱيءَ طرح بند ڪيو هيو. هن سس تي حيرت ظاهر نہ ڪئي.

“نہ...نہ... منهنجو مطلب هرگز اهو نہ هيو. ڇڙو ڏسجانءِ تہ اتي موجود آهن. ٻئي دفعي فون ڪيم تہ توکي وڌيڪ حال احوال ڏيندس.”

تمينا ۽ هن جو مڙس چيڪو سلواڪيہ مان ڀڄي نڪتا هيا. انهن ڀڄڻ لاءِ اهو طريقو اختيار ڪيو جو پنهنجو نانءُ انهن سياحن جي لسٽ ۾ شامل ڪرايو هيو جيڪي يوگوسلاويا سير ۽ تفريح ڪرڻ پئي ويا، جڏهن اهي اتي پهتا تہ آسٽريا مان ٿيندا فرانس اچي نڪتا.

انهن سفر ۾ هڪ ننڍو سوٽ ڪيس ساڻ ڪنيو هيو جيئن ڳجهن ادارن جي نظرن کان بچي سگهن. هو ننڍو سامان نہ کڻي سگهيا هيا جنهن ۾ هڪ پيڪٽ اندر نوٽ بڪس هيا، ان پيڪٽ ۾ اهي خط بہ هيا جيڪي تمينا ۽ ميرڪ شاديءَ کان اڳ هڪ ٻئي ڏي لکيا هيا، ڪسٽم وٽ چڪاس دوران جيڪڏهن انهن جي ملڪ جو ڪو آفيسر اهو پيڪٽ ڏسي وٺي ها تہ ضرور شڪ ڪري ها تہ آخر ٻن هفتن لاءِ سير تفريح خاطر ويندڙ جوڙي وٽ هڪ اهڙي پيڪٽ هجڻ جو ڪهڙو جواز آهي جنهن ۾ انهن جا خط آهن، ملڪ ڇڏڻ وقت اهي ان پيڪٽ کي پنهنجي فليٽ ۾ رکي اچڻ نہ پيا چاهين ڇو جو انهن جي روانگيءَ کان پوءِ جڏهن حڪومت کي انهن جي خبر پوي ها تہ فليٽ کي پنهنجي تحويل ۾ وٺي هر شيءِ جي جاچ ڪن ها. انڪري هوءَ پيڪٽ سس جي گهر ڇڏي آئي هئي جيڪو پراگ کان ٻاهر هڪ غير اهم جاءِ تي هيو.

فرانس ۾ تمينا جو مڙس بيمار ٿي پيو. تمينا ان لاءِ بس پرديس ۾ ايترو ئي ڪري پئي سگهي تہ موت هٿان ان کي هوريان هوريان مرندو ڏسي، جڏهن اهو مري ويو تہ ماڻهن هن کان پڇيو.

“لاش کي دفنايو وڃي يا ساڙيو وڃي؟”

هن انهن کي ساڙڻ لاءِ چيو پوءِ جڏهن پڇيائون تہ:

“هوءَ ان جي رک کي خاڪدان ۾ محفوظ رکڻ چاهي ٿي يا ان کي ڪنهن خاص جاءِ تي هاريو وڃي؟”

ان خيال کان تہ هن جو ڪو ذاتي گهر نہ هيو، هوءَ مڙس جي رک کي ڪٺي رولينڌي وتندي، هن ان ۾ بهتري سمجهي تہ رک کي هاريو وڃي.

***

هن بوهيميا ۾ پورا يارنهن سال مڙس سان گڏ گذاريا هيا ۽ يادن جا يارهن نوٽ بڪ هڪ پيڪٽ اندر هن جي سس جي قبضي ۾ هيا.

مڙس جي وفات کان پوءِ هن جڏهن يادگيرين کي جمع ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي تہ نہ ڪري سگهي. هن هڪ نوٽ بڪ ورتو ۽ ان کي يارهن ننڍن حصن ۾ ورهايو. هن وسري ويل واقعا ياد ڪيا اهي سڀ هن جي ذهن ۾ ڪنهن اونداهي پردي تي موجود هيا، پر هوءَ انهن کي بي ترتيب محسوس ڪري رهي هئي، هن کي سمجهہ ۾ نہ پئي آيو تہ انهن کي ڪيئن شمار ڪري.

هن بوهيميا ۾ مڙس سان رهڻ دوران موڪل جي ڏينهن ۾ ڪافي سير ۽ تفريح ڪيا هيا، پر هوءَ ڪجهہ واقعا وساري ويٺي هئي، هن انهن واقعن کي ڪجهہ حوالن سان ياد ڪرڻ جي ڪوشش ڪرڻ

جهڙا نہ هيا. جيئن 1964ع ۾ جڏهن هن جي ماءُ وفات ڪري وئي تہ ڪجھہ ڏينهن کان پوءِ ڏک وسارڻ لاءِ مڙس سان تترس Titras وئي هئي. هن کي اهو بہ ياد هيو تہ ان واقعي کان بہ سال اڳ هوءَ گرم پاڻيءَ جا ڪنارا ڏسڻ بلغاريا وئي هئي. هوءَ 1968ع ۽ 1969ع واريون موڪلون ڪيئن وساري سگهي پئي چو جو اهي چيڪوسلواڪيہ ۾ انهن جون آخري موڪلون هيون.

جيڪڏهن هوءَ واقعن کي ڪن حوالن سان ياد ڪري لکڻ ۾ ڪامياب بہ ٿي پئي وئي تہ هن لاءِ اهو ممڪن نہ هيو تہ انهن ڏينهن گهاريل ڪرسمس ۽ نئين سال جي موقعن کي ڪهڙي ترتيب ڏئي لکڻين ۾ شمار ڪري. ڪرسمس جي ٻارهن موقعن مان هن کي صرف بہ ۽ نئين سال جي ٻارهن مان صرف پنج واقعا ياد هيا.

هن مڙس پاران انهن نالن کي ياد ڪرڻ شروع ڪيو. جن نالن سان ان مختلف وقتن تي هن کي سڏيو هيو. ان جي محبت اهڙي مشين جيان هئي جنهن مان پيار ڀريا مختلف نالا ڦلجي نڪرندا هيا، انهن شاديءَ جي ٻارهن سالن دوران هن گهٽ ۾ گهٽ هن کي پيار مان ٽيهن نالن سان ضرور سڏيو هيو.

اهو ئي سبب هيو جو هن لاءِ اهو پيڪٽ چو ضروري هيو. چو جو انهن ۾ وسري ويل ڳالهين جا سڀ حوالا موجود هيا جيڪي هن جي زندگيءَ جو حصو هيا.

هن کي اها بہ خبر هئي تہ انهن نوٽ بڪن ۾ ڪافي دل ڏکوئيندڙ ڳالهيون پڻ موجود هيون، ناراضگيءَ جا ڏينهن، رسڻ پرچڻ جا ڏينهن. ان حد تائين جو هڪ ٻئي مان بيزارگيءَ جا ڏينهن، پر اهي سڀ حقيقت هيون هن ماضيءَ جي روح کي جسم پئي ڏيڻ چاهيو هن جي دل جي اها حسرت هئي، خواهش هئي، هوءَ بانس جي لڪڙن جي ٻيڙيءَ تي ويئي ڏسي رهي هئي، هن جي زندگيءَ جو حاصل اهو ئي هيو جيڪو هن جي نظرن جي حد تائين ڦهليل هيو.

هوءَ انهن نوٽ بڪس لاءِ پريشان هئي، ان لاءِ تہ انهن کي حاصل ڪري پنهنجي يادن جي سلسلي کي ترتيب ڏئي سگهي.

***

چيڪوسلواڪيہ کان ٻاهر ويندڙ تپال ڳجهن ادارن جي هٿن مان ٿي پوءِ ويندي هئي، هن جي مڙس جو نالو اڳ ۾ ئي بليڪ لسٽ ۾ هيو. انهن کي اها خبر نہ هئي تہ اهو شخص دنيا مان موڪلائي چڪو آهي، تنهن ڪري هوءَ نہ پئي چاهي تہ سندس مڙس جي نالي تي ڪا تهمت لڳي، هن کي بيبيءَ ۾ اميد هئي تہ اها ئي سندس حسرت پوري ڪري سگهي ٿي، هن بيبيءَ کي خوش رکڻ لاءِ حيلا وسيلا شروع ڪيا، هن کي خبر هئي تہ بيبي بناڪا سان ملڻ چاهي ٿي تنهن لاءِ ضروري هيو تہ ملاقات کان اڳ ان کي گهٽ ۾ گهٽ بناڪا جي ڪنهن بہ هڪ ناول جي پلاٽ کان تہ واقف هجڻ ضروري آهي، جيئن اها گفتگو دوران چئي سگهي تہ:

"بلڪل ان سان ملندڙ جلندڙ ڳالهہ توهان فلاڻي ڪتاب ۾ ڪئي آهي."

هوءَ ڄاڻي پئي تہ بيبيءَ ڪڏهن ڪتاب جو منهن نہ ڏٺو آهي، تنهن لاءِ ضروري هيو تہ هوءَ پاڻ ڪوشش ڪري بناڪا جو ڪو اهڙو ڪتاب هٿ ڪري پڙهي بيبيءَ کي گفتگوءَ لاءِ تيار ڪري.

تمينا کي خبر هئي تہ ڪيفي ۾ هيوگو نالي هڪ شخص ايندو آهي جنهن جو ڪتاب پڙهڻ سان واسطو آهي، هن جڏهن ڪافيءَ جي پيالي ان سامهون رکي تہ سوال ڪيو.

"ڇا تون بناڪا کي سڃاڻين؟"

هيوگو هڪ گدلو شخص هيو جنهن جي وات مان بدبوءِ پئي ايندي هئي. اهو خاموش ۽ شرميلي طبيعت جو مالڪ هيو عمر ۾ تمينا کان پنج سال ننڍو هيو اهو جڏهن بہ ايندو هيو تہ ٽيڏين نظرن سان تمينا ڏي پيو ڏسندو هيو ان کي تمينا مان گهڻيون اميدون هيون.

"ها... مان ان کي سڃاڻان" هن جواب ڏنو.

"ان جي ڪنهن ڪتاب جو موضوع ٻڌائي سگهندين؟"

"ڏس تمينا" هيوگو چيو "اڄ ڏينهن تائين مان يا ڪنهن ٻئي هن جي ڪا بہ لکڻي نہ پڙهي آهي، اهو هڪ بيڪار ۽ هيٺين درجي جو اديب آهي."

تمينا پيو ڪو چارو نہ ڏسي بناڪا جي ڪتابن حاصل ڪرڻ جي ڪوشش ڇڏي ڏني پر بيبيءَ کي خوش ڪرڻ لاءِ هن ان کي بناڪا سان ملائڻ ضروري سمجهيو.

هن جو يو يو Jou Jou نالي، فلسفي جي هڪ جاپاني پروفيسر واقفڪار هئي، جنهن کي ضرورت وقت هوءَ پنهنجي فليٽ جي چاٻي ڏيندي هئي، جتي يارن سان ملاقاتون ڪندي هئي، هن ان سان ڳالهہ ڪئي. اها بناڪا کي سڃاڻيندي هئي، يويو هن سان واعدو ڪيو تہ هوءَ ڪڏهن بناڪا کي وٺي هن وٽ ضرور ايندي. جڏهن تمينا بيبيءَ کي اها خوشخبري ٻڌائي تہ بيبيءَ ڪيس مذاق ڪندي چيو.

"تي سگهي ٿو اهو بناڪا ڪو سهڻو ماڻهو هجي ۽ تنهن جي سوڪهڙي جا ڏينهن پورا ٿين."

اهو سچ هيو تہ مڙس جي وفات کان پوءِ تمينا ڪنهن غير مرد سان نہ سمهي هئي، پر جنسي خواهشون وهندڙ پاڻيءَ جيان آهن، جنهن ۾ گناهہ ۽ ثواب ڏوپجي صاف تي وڃن ٿا، هوءَ جڏهن بہ ڪنهن ٻئي مرد سامهون ڪپڙا لاهڻ جو تصور ڪندي هئي (اهڙو تصور هوءَ اڪثر ڪندي هئي) تہ هن سامهون مڙس جو چهرو اچي ويندو هيو.

هن جو ان ڳالهہ ۾ عقيدو نہ هيو تہ مرڻ کان پوءِ سندس مڙس جو روح هن چوڌاري موجود آهي، پر پوءِ بہ هوءَ ڏاڍي محتاط هوندي هئي، سندس من چاهيندو هيو تہ ڪنهن سان عشق جو اظهار ڪري. ڪجهہ گهڙيون ڪنهن سان گهاري پر اندر جي ڪنهن خوف کان هوءَ ائين نہ ڪري سگهندي هئي، ان حد تائين جو Masturbation ڪرڻ وقت بہ هن کي مڙس جو چهرو لڳاتار اکين سامهون ڦرندي نظر ايندو هيو هن سوچيو جيڪڏهن هن مڙس جي زندگيءَ ۾ ڪنهن غير مرد سان همبستري ڪئي هجي ها تہ اڄ اها هن لاءِ آسان هجي ها، هن جو مڙس هڪ ڪامياب ۽ زندگيءَ مان مطمئن شخص هيو جنهن

ڪارڻ تميناپاڻ کي هن کان سدائين گهٽ محسوس ڪيو. هن کي لڳو جيڪڏهن هن اهڙو ڪم ڪيو ته هوءَ اهڙي شخص کي ايذاءُ رسائيندي جيڪو موتي هن کي روڪڻ کان معذور آهي. پوري ڪائنات ۾ صرف هوءَ هئي جيڪا مئل مڙس جي ميراث هئي. اها ئي ڳالهه هئي جو جڏهن هن جي من ۾ ٻئي مرد جو خيال ايندو هيو ته هن جي مڙس جون يادون سندس وجود کي ول جيان وڪوڙي پاڻ ڏي ڇڪي وٺندو هيون.

***

هڪ ڏينهن بيبي ڪيفي جي بار واري حصي ۾ اچي ويٺي.

“هيلو تمينا” هن چيو “هڪ وسڪيءَ جو گلاس ته ڏجانءِ”

گهڻو ڪري بيبي ڪافيءَ جو آرڊر ڏيندي هئي يا ڪڏهن Port (تيز ڳاڙهي رنگ جو منو شراب) جو گلاس آڻڻ لاءِ چوندي هئي، هن جي انداز مان لڳي رهيو هيو ته اها سخت پريشان آهي.

“تنهنجي لکڻ جو شوق ڪٿي پهتو؟” تمينا وسڪي گلاس ۾ وجهندي پڇيو.

“جيڪڏهن منهنجو موڊ سٺو هجي ها ته هر شيءِ سٺي هجي ها.”

بيبيءَ جواب ڏنو هڪ ئي ساهيءَ ۾ وسڪيءَ جو گلاس خالي ڪري ٻئي جو آرڊر ڏنو. ڪجهه ٻيا گراهڪ ڪيفي ۾ داخل ٿيا، تمينا وئي ۽ انهن کان پڇيو.

“اهي ڇا ڪائيندا پيئندا؟”

پوءِ واپس وري بيبيءَ وٽ آئي ۽ وسڪيءَ جو ٻيو گلاس پريو.

“مان پنهنجي مڙس مان تنگ اچي چڪي آهيان، هو گهر کان گهڻا ڏينهن پري رهي ٿو ۽ جڏهن اچي ٿو ته لڳاتار ٻه ڏينهن ننڊ ۾ گذاري ٿو هن وٽ همبستريءَ کان سواءِ ٻيو ڪو مشغلو نه آهي، مون کي ان کان طلاق وٺڻي پوندي، ان کانسواءِ ٻيو ڪو چارو نه آهي. پهريون هن چيو ته پراگ هلنداسين پوءِ هو ڳالهه تان ڦري ويو ۽ اڄڪلهه هن کي آئرلينڊ وڃڻ جو شوق جاڳيو آهي.”

“ته پوءِ توهان موڪلون گذارڻ آئرلينڊ ويندا؟” تمينا پڇيو.

هن پنهنجي نڙيءَ ۾ ڪا شيءِ ڦاٿل محسوس ڪئي.

“مون کي خبر آهي هو ڪيڏانهن نه هلندو، بس هتي رهي وقت وڃائيندو، مون کي هن جي ڪا ضرورت نه آهي، مان ڪتاب لکندس ۽ وقت گذاريندس.”

تمينا پڇڻ پئي چاهيو ته:

“ڇا هاڻي هو پراگ نه ويندا؟” پر نڙيءَ ۾ ڦاٿل شيءِ جو احساس وڌي ويس ۽ ڪجهه چئي نه سگهي.

ان وقت يوبو ڪيفي ۾ داخل ٿي ۽ چيائين:

“ڇا توهان سيني جي سامهون Masturbation ڪري سگهو ٿيون.”

“ڇا مطلب.” بيبيءَ پڇيو.

“هن ڪيفي ۾... هيٺ فرش تي... سيني جي سامهون يا ڪنهن سينيما هال ۾ فلم ڏسندي.”

“چپ” بيبيءَ پنهنجي ننڍڙي ڏيءَ کي چيو جيڪا بار جي اسٽول وٽ ويهي گوڙ ڪري رهي هئي ۽ پوءِ منهن مٿي ڪري چيو:

“اها ڪا غير فطري ڳالهه ته نه آهي. جيڪا شيءِ فطري آهي ان کي ڪرڻ ۾ ڪهڙو شرم”

تمينا اندر ۾ ايرنڊڙ اڏمن ڪري بيبيءَ کان پراگ وڃڻ جي باري ۾ وڌيڪ نه پڇي سگهي، گفتگوءَ جو موضوع بدلجي چڪو هيو ۽ هن اهو سوال غير اهم پئي سمجهيو. هوءَ سمجهي چڪي هئي ته بيبيءَ جو هاڻي پراگ وڃڻ جو ڪو ارادو نه آهي.

ايتري ۾ باورچيخاني مان هڪ پوڙهيت عورت نڪري بيبيءَ وٽ آئي ۽ هن سان هٿ ملايو. بيبي ان کي ڏسي مرڪي.

“ڪهڙو حال آهي؟” ان بيبيءَ کان پڇيو.

“اسان جي هڪ انقلاب ئي قسمت سنواري سگهي ٿو.”

تمينا خاموش ويٺل هئي ۽ پيڪٽ جي باري ۾ سوچي رهي هئي جنهن کي حاصل ڪرڻ هن لاءِ ڏکيو ٿي چڪو هيو. پوءِ هن کي هيوگو جو خيال آيو ۽ سوچيائين اهو ئي سندس آخري اميد ٿي پئي سگهيو.

هيوگو تمينا کي حاصل ڪرڻ لاءِ وڏا وس ڪيا هيا پر هو ڪڏهن به ڪامياب نه ٿي سگهيو هيو.

***

“هڪ سٺي خبر ٻڌ.” هن جي پيءَ پراگ مان فون ڪري ٻڌايو. “مان تنهنجي ڀاءُ کي چيو آهي، اهو تنهنجي سس وٽان اهو پيڪٽ کڻي ايندو پوءِ پراگ ماڻهو موڪلي گهرائي وٺجانءِ”

تمينا جي اکين ۾ چمڪ اچي وئي.

“سچ، تو ان کي ٻڌايو آهي. نه ته چاٻي نه ملڻ جي صورت ۾ اهو تالو ڀڃي پيڪٽ کڻي.”

رسيور رکڻ کان پوءِ تمينا خوشيءَ ۾ مست ٿي وئي.

“ڇا ڪا سٺي خبر هئي؟” هيوگو پڇيو.

“ها” هن ڪنڌ لوڏيندي چيو.

“پراگ مان فون آيو آهي ته منهنجو ڀاءُ اهو پيڪٽ کڻي ايندو” تمينا چيو.

۽ پوءِ چپ ٿي وئي، هن وري ڳالهايو.

“مسئلو اهو آهي ته پراگ مان اهو پيڪٽ ڪير آڻي ڏيندو.”

هيوگو جي اکين مان همدردي ظاهر ٿي.

“تون فڪر نہ ڪر.” هن چيو “اهو پيڪٽ مان توکي آڻي ڏيندس.”

تمينا جي چپن تي مرڪ اچي وئي.

“سچ هيوگو” هن چيو “جيڪڏهن ائين ڪرين تہ مان تنهنجو احسان زندگي ڀر نہ وساريندس.”

“منهنجو توسان واعدو آهي.” هيوگو چيو.

هيوگو اٿيو بار وٽ اچي بہ گلاس ڪنيا ۽ انهن ۾ وسڪي وڌي.

“تمينا... تون جڏهن چاهين منهنجي گهر اچي پراگ فون ڪري سگهين ٿي، مان وري ساڳي ڳالهہ ڪندس جيڪا ڪندو آهيان تہ مون کي توسان ملڻ سٺو لڳندو آهي پر مون کي خبر آهي تہ تون منهنجي ڪڏهن نہ ٿيندينءَ.”

تمينا اٿي هيوگو جي ڀر ۾ آئي ۽ ان کان وسڪي جو گلاس ورتائين. هوءَ پنهنجي پاءُ جي باري ۾ سوچي رهي هئي، ان سان هوءَ ناراض هئي پر پوءِ بہ اهو هن جي مدد لاءِ تيار هيو.

“شل سڀ ڪم خير سان ٿين.” هن چيو ۽ پوءِ جام هڪ ڳيت ۾ پي ويو. تمينا وسڪيءَ جو جام چاڙهي وئي ۽ خالي گلاس ميز تي رکيو. هوءَ واپس پنهنجي ڪرسيءَ ڏي وڃڻ ئي واري هئي تہ هيوگو تيزيءَ سان پنهنجي ٻانهن ورائي هن جي چيلهہ ۾ وڌي هن ڪو اعتراض نہ ڪيو. صرف منهن پري ڪري ڇڏيو. هن جو منهن بگڙجي ويو هيو ۽ پشيمانيءَ ۾ گهنج پئجي ويا هيا.

هن تمينا کي پنهنجي ڀاڪر ۾ ورتو پر حيران هيو تہ آخر اهو سڀ ڪيئن ٿيو جيڪڏهن تمينا اعتراض ڪري هن کي ڌڪو ڏئي پري ڪري ها تہ هو پوئتي هٽي هن کان معافي وٺي ها پر تمينا ڪو اعتراض نہ ڪيو هو چرين جيان هن کي جنبڙي پيو ۽ ڪپڙا لاهڻ لڳو. آخر جڏهن هن جو جسم ڪپڙن کان آجو ٿي ويو تہ هيوگو هن کي جنسي طرح اجايل سمجهي گهٽي شهوت محسوس ڪندي هٽن مان پئي نڪتو ويو پر ان وقت هڪو ٻڪو رهجي ويو جڏهن محسوس ڪيائين تہ تمينا جا عورتاڻا ڪنهن پاڻياٺ کان عاري هيا.

***

تمينا هڪ دفعو اهڙي آپريشن کي منهن ڏنو هيو جنهن ۾ سن ڪرڻ واري دوا استعمال نہ ڪئي وئي هئي، هن سور ۽ وڍجڻ جي احساس کي گهٽائڻ لاءِ دل ۾ ابتا انگ پڙهڻ شروع ڪيا هيا جيئن هن جو ڌيان هٽي وڃي. هاڻي بہ هن سڄو ڌيان ان پيڪٽ اندر پيل نوٽ بڪس ڏانهن ڪري ڇڏيو هيو، جن جي باري ۾ ڪيس اميد هئي تہ اهي پراگ ۾ سندس پيءَ وٽ پهچي ويندا ۽ هيوگو جڏهن اوڏانهن ويو تہ پاڻ سان گڏ کڻي ايندو.

هيوگو تيزي سان ديوانن وانگر پنهنجي ڪم ۾ لڳل هيو تمينا محسوس ڪيو تہ هو نوٽنين تي پاڻ کڻي پاڻيءَ بنا ڪنهن مڇيءَ جيان تڙپي پنهنجي ڊاکن کي هيڏانهن هوڏانهن هٽي رهيو آهي، هن

ڪي لڳو اهو هن جي جنسي عمل مان جڻ مطمئن نہ هيو ۽ پنهنجي شهوت جو پورائو نہ ٿيندو ڏسي ڪنهن انڌي جيان جاءِ ڳولهڻ جي ڪوشش ڪري رهيو آهي.

تمينا کي هن جي اهڙين حرڪتن لاءِ ڪا بہ خواهش نہ هئي. هن وري هيوگو کان منهن پري ڪيو پنهنجا خيال متائڻ لاءِ هن وري نوٽ بڪس جي باري ۾ سوچڻ شروع ڪيو پاڻ کي ان ڳالهہ تي مجبور ڪيو تہ مڙس سان گهاريل موڪلن جو هڪ دفعو وري جائزو وٺي. جيڪي هن جي حافظي ۾ توڙي جو مڪمل نہ هيا، هن انهن کي نئين سر ياد ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي، موڪلن جا اهي ڏينهن جيڪي بوهيميا ۾ گذريا هيا. اهي جيڪي گرم ڪنارن وٽ ۽ پوءِ نديءَ تي پر انهن سڀني جي ترتيب اجان بہ غير واضح هئي، 1964ع ۾ اهي ٻئي تترس ويا هيا ۽ ان کان هڪ سال اڳ بلغاريا پر ان کان پوءِ سڀ شيون پاڻ ۾ ملي هڪ ٿي ويون، 1968ع ۾ انهن پنهنجون سڀ موڪلون پراگ ۾ ئي گذاريون هيون، ان کان هڪ سال پهريون هو گرم ڪنارن تي ويا هيا، پوءِ هجرت ڪر اتي پهتا هيا ۽ آخري موڪلون اٽليءَ ۾ گذاريون هيون.

هيوگو پاڻ کي هن کان الڳ ڪيو ۽ هن جي جسم کي اونڌي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي، تمينا سمجهي وئي تہ هو چاهي ٿو تہ هوءَ جانورن جيان ٽونٽن ۽ گوڏن تي ويهي، اوچتو هن کي خيال آيو تہ هيوگو هن کان عمر ۾ ننڍو آهي ۽ هن شرم محسوس ڪيو ان باوجود هن پنهنجن جذبن کي قابو ۾ رکندي پاڻ کي مڪمل طرح هيوگو حوالي ڪري ڇڏيو هن هيوگو جي ناهموار ڌڪن کي پنهنجي پٺ تي محسوس پئي ڪيو، هن کي لڳو جيئن اهو پنهنجي مردانگي ثابت ڪرڻ جي ڪوشش ڪندو هجي.

ان وقت تمينا کي هيوگو جي ڪمري جي چوني واري پٽ تي مڙس جو وڏو منهن نظر آيو ۽ هن اکيون بند ڪري ڇڏيون، هڪ دفعو وري هوءَ تصور ۾ اهي موڪلن جا ڏينهن ورجائڻ لڳي، نديءَ ڪناري ملهايل پهريون موڪلون پوءِ يوگوسلاويا واريون، وري گرم ڪنارن واريون يا شايد انهن جي ترتيب ائين هئي تہ پهريون گرم ڪنارن واريون... يوگوسلاويا... ۽ نديءَ... وري تترس واريون پوءِ بلغاريا واريون... ان کان پوءِ سڀ يادون پاڻ ۾ ملي هڪ ٿي ويون، پراگ... گرم ڪنارا... آخر ۾ اٽلي... هيوگو جا ڊگها ساهہ هن کي يادن مان واپس وٺي آيا. هن اکيون کولي ڇڏيون ۽ سامهون پٽ تي مڙس جو منهن ڏٺو.

***

جڏهن تمينا جو پياءُ هن جي سَسُ سان ملڻ ويو تہ ان کي تالي توڙڻ جي ضرورت محسوس نہ ٿي، ٽيبل جو خانو پهريون ئي کليل هيو ۽ اتي يارهن جون يارهن ئي نوٽ بڪس موجود هيون، اهو سڀ ڇڻ ڪاغذن جي ڍير جيان هيون، جنهن کي تمينا جي پياءُ سوٽ ڪيس ۾ وڌو ۽ آٽي پيءَ حوالي ڪيو.

تمينا فون ڪري پيءَ کي چيو:

“سڀني شين کي ڪاغذ ۾ ويڙهي خيال سان چٽيءَ طرفن کان ٻڌي ڇڏجانءِ ۽ ان کان اهم اها ڳالهه ته نه هوءَ نه هن جو ياءُ هڪ لفظ به پڙهن.”

هن تمينا کي يقين ڏياريو پر ان ڳالهه کي دل ۾ ڪيو هن ڪڏهن خواب ۾ به نه سوچيو هو ته تمينا جي سس جيان انهن کي پڙهندو ڇو جو هن کي اهڙين شين پڙهڻ جو ڪو به شوق نه هيو.

تمينا مطمئن ٿي وئي ته هاڻ اهي شيون محفوظ هٿن ۾ آهن ۽ اهي حاصل ڪرڻ لاءِ بي چين ٿي وئي، هن وٽ انهن شين جي اهميت ان لاءِ به وڌي چڪي هئي ڇو جو انهن کي حاصل ڪرڻ لاءِ هوءَ جنسي طور استعمال ٿي هئي، هوءَ ۽ هن جون يادون جاڙين ڀينرين جيان هيون. اهو سوچي انهن خطن لاءِ هن جي من ۾ پيار اجان به وڌي ويو. هن کي احساس هيو ته هن کي ذليل ۽ خوار ٿيڻو پيو آهي، اڳ جڏهن هوءَ ستن سالن جي هئي. هن جو چاچو ان وقت اندر آيو هيو جڏهن هوءَ اگهاڙي هئي، هن کي ڏاڍو شرم آيو هيو پوءِ اهو احساس هن جي من ۾ بدلجي ويو. هن اتي بيٺي ٻارن جيان پڪو پهه ڪيو ته هوءَ زندگيءَ ۾ ڪڏهن چاچي ڏي نظرون کڻي نه ڏسندي، اهو جڏهن به ايندو هيو هوءَ ان کي ڏسڻ کان انڪار ڪندي هئي، ان لاءِ گهڻا وس ڪيا ويا هن کي نندبو ويو، دڙڪا دهمان ڏنا ويا.

هاڻي ان سان ملندڙ جلندڙ صورتحال هئي. هوءَ هاڻي به ڀيءَ ۽ ياءُ جي شڪرگذار هئي پر هن وري ڪڏهن انهن جي شڪل نه پئي ڏسڻ چاهي.

***

هيوگو جي ڪاميابي هن لاءِ شڪست جو پيغام کڻي آئي هئي، ان هوندي به ته جڏهن چاهيندو هيو ته هن سان همبستري ڪري سگهندو هيو پر هن کي اهو احساس به هيو ته هن کي پنهنجو نه ڪري سگهيو هيو. هڪ اگهاڙو جسم هن جي جسم هيٺان ايڏو لاتعلق ايڏو بددل... ايڏو ڏاريو... ڪيئن ٿي سگهيو ٿي؟ اهو به ان وقت جڏهن هو هن کي پنهنجو ڪرڻ لاءِ تيار هيو.

“تمينا مان هڪ ڪتاب لکڻ چاهيان ٿو” ڪيفي ۾ هن سامهون ويهندي چيو “پيار جي باري ۾ ڪتاب... ها تنهنجي باري ۾... پنهنجي باري ۾... اسان ٻنهي جي جذبن جي باري ۾... ڊائريءَ جي صورت ۾... اسان جي ٻن جسمن جي باري ۾... ها... مان سڀني پابندين کي ٽوڙي وڏي وات سڀ چوڻ چاهيان ٿو مان ڇا آهيان؟... ڇا سوچيندو آهيان، اهو ڪتاب سياسي به هوندو پيار جي باري ۾ به هڪ سياسي ڪهاڻي ۽ سياست جي باري ۾ پيار جي ڪهاڻي.”

تمينا چپ ڪري هن کي نهاريندي رهي، اوچتو هيوگو جو آواز ڳورو ٿي ويو هو ائين محسوس ڪرڻ لڳو جڻ اها هن مان ناجائز فائدو وٺڻ جي ڪوشش ڪري رهي آهي، هوءَ هڪ بيواهه بنجي ماضيءَ جو غلط استعمال ڪرڻ چاهي ٿي، پنهنجي ڪوڙي انا جي بلند عمارت تان بيهي هيٺ هر ڪنهن کي نفرت مان نهاري رهي آهي.

“تون پر اڳ ڪڏهن ويندين؟!!” تمينا پڇيو.

هيوگو کي لڳو ته تمينا هن سان ڪڏهن به محبت نه ڪئي آهي، هوءَ هن سان صرف ان ڪري گڏ آهي جو هن کي هڪ اهڙي شخص جي ضرورت آهي جيڪو هن جي ڪم سان پراگ وڃي، هيوگو اندر ۾ بيزاري محسوس ڪئي.

“ڇا تون منهنجو مضمون پڙهيو آهي... يا نه” هيوگو پڇيو.

“ها پڙهيو آهي.” تمينا جواب ڏنو.

هن کي تمينا تي بلڪل يقين نه آيو ۽ جيڪڏهن پڙهيو به آهي ته ان مان ٿورڙو به متاثر نه پئي لڳي.

“جيڪڏهن تو پڙهيو آهي ته توکي ڄاڻ هوندي ته ان جو موضوع بغاوت آهي، اڄڪلهه جيڪي ڪجهه اسان جي ملڪ ۾ ٿي رهيو آهي مان ان متعلق سڌو سنئون لکيو آهي.”

“ته ڇا تون واقعي ئي اهو سمجهين ٿو ته پراگ وارن کي تنهنجي مضمون جي خبر هوندي؟”

ان طنز ڀريل جملي جي ڪوڙاڻ کي هيوگو محسوس ڪيو.

“تون ملڪ کان ٻاهر هڪ عرصي کان زندگي گذاري رهي آهين، مون کي خبر آهي ته اتان جي پوليس ان معاملي جي گهرائيءَ ۾ ڪيستائين وئي هوندي؟ اها ڇا ڪري سگهي ٿي؟ اتي منهنجي ان مضمون جي وڏي پذيرائي ٿي آهي. مون کي ان باري ۾ اتان خط به پهتا آهن. تنهنجي ملڪ جي پوليس منهنجي باري ۾ سڀ ڪجهه ڄاڻي ٿي، مون کي ان جو پورو يقين آهي.”

تمينا” هن اداس لهجي ۾ چيو. “مون کي خبر آهي تون منهنجي پراگ نه وڃڻ تي ضرور اداس ٿي هوندينءَ. پهريون منهنجو خيال هيو ته ان مضمون کي شايع نه ڪرايان پر پوءِ سوچيم ته اندر جي اڌمن کي پنهنجي ذات تائين محدود رکڻ جو مون کي ڪو حق نه ٿو پهچي، تون منهنجي ڳالهه سمجهين ٿي.”

“نه” تمينا جواب ڏنو.

“ته پوءِ مان توکي سمجهايا ٿو جيڪڏهن اسان اندر جي احساس کي دٻائي رکيو ته هن ملڪ جو حال به اهڙو ئي ٿيندو جيڪو تنهنجي ملڪ جو ٿيو آهي، اسان به غلام بنجي ويندا سين.”

نفرت جي هڪ لهر تمينا جي جسم ۾ اڀري، هوءَ ان ۾ ٻڏي وئي، هوءَ ٽپو ڏئي ڪرسيءَ تان اٿي ۽ عورتن جي غسل خاني ڏانهن ڀڳي، هن جا آنڊا اڀري وات ۾ ٿي آيا، هوءَ ڪموڊ وٽ گوڏا کوڙي ويٺي ۽ الٽي ڪئي، هن جو جسم ڏڪي رهيو هيو، هوءَ روئي رهي هئي، هن جي اکين اڳيان هيوگو جا خصيا... لنگ ۽ دن هيٺان وارن جي تصوير اچي وئي هوءَ ان جي وات جي گندي ڌپ محسوس ڪري رهي هئي، پنهنجن ٻنڊڻن وٽ هن جي سٿرن جو دٻاءُ محسوس ڪري رهي هئي، هن اوچتو ياد ڪيو ته سندس مڙس جي لنگ جي شڪل ڪيئن هئي؟ هن کي اهو ياد نه هيو ٻين لفظن ۾ ته نفرت جي ياد پيار جي ياد کان ڪئي درجا وڌيڪ طاقتور هوندي آهي، اهو وقت پري نه آهي، جڏهن هن جي حافظي

۾ صرف هيوگو ۽ ان جي وات جي ڏپ رهجي ويندي، هن وري التي ڪئي، هوءَ بيد جي شاخ جيان لرزي.. تڙپي... ۽ وري ٻي التي ڪئي.

جڏهن غسل خاني مان ٻاهر نڪتي ته هن جو وات جيڪو ڪتيءَ بوءِ سان ڀريل هيو اهو سدائين لاءِ چپ ٿي ويو.

هيوگو چاهي پيو ته هن کي گهر تائين ڇڏي اچي پر هوءَ ان سان ڳالهائڻ لاءِ تيار نه هئي. هن جا چپ سبجي چڪا هيا. جڏهن هن ان سان ڳالهايو ته ردعمل ۾ هوءَ تيزيءَ سان هلڻ لڳي، هو هن سان گڏ ڪجهه قدمن تائين هلندو رهيو آخر هڪ جاءِ تي بيهي رهيو هوءَ سڌي اڳتي هلندي رهي، بغير هيڏانهن هوڏانهن ڏسڻ جي.

پوءِ هوءَ جيستائين جيئري رهي، گراهڪن کي ڪافي پيش ڪندي رهي ۽ ڪڏهن به ڇيڪو سلواڪيه فون نه ڪيو.

❖